عزيز ڪنگراڻي

# استاد بخاري جي شاعريءَ ۾ عڪس نگاري

***Abstract***

**Imagery Elements in the Poetry of Ustad Bukhari**

*The Ustad Bukhari, one of the great and famous poets of Sindhi language, which is most popular among the people due to his simple style to express the emotions. He started his poetry in younger age and at the end of his life, he was in association with poetry. Basically he had a lot of observation of rural life, so there are many natural colors spread in his poetry.*

*His poetry having many aspects including the simplicity of emotions, simple and public style of expression, very loving, careful and true in his love etc. The imagery aspect is also an important feature of his poetry. Imagery is an important form of compressed language, and is therefore vital in poetry. Other forms of compressed language, such as simile and metaphor, often create imagery. They help a writer to accomplish as much as possible in as few lines as possible.*

*In this paper, I will discuss and point out the imaginary elements and the examples from his poetry.*

شاعريءَ وانگرعڪس نگاري به اعلى نموني جو هڪ اهڙو فن آهي، جنهن سان شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي داخلي ۽ خارجي حالتن ۽ وارتائن جي توسط سان تصوير ڪشي ڪندي، ماڻهوءَ جي حواسن ڪي چيڙي سگهارو احساس پيدا ڪندو آهي. لوڪ شاعري هجي، آڳاٽي سنڌي شاعري يا جديد سنڌي شاعري هجي عڪس نگاري جو جُز ان ۾ شامل نظر اچي ٿي. ڪنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ اهو فن شعوري طور ڪم آيل هجي يا لاشعوري طور پر عڪس نگاري جي فن وسيلي شعر ۾ پرپوريت جو تاثر پيدا ڪيل هوندو آهي. شاعر پنهنجي ذات سان ڳڍوڳڍ ارد گرد جي ماحول، شين، خوبصورتين، بدصورتين، سٺاڻن، ڪراهتن، حُسناڪين، اندروني احساساتي خلفشارن، ڪائناتي رنگتن ۽ ٻين لقائن جي پنهنجي مشاهداتي سگهه آهر منظر

ڪشي يا عڪس بندي ڪندي نه صرف پنهنجي اندر اور ڪري ٿو پر انهن بابت پڙندڙ ۽ پڙهندڙ جي حظ ۽ حواسن کي به تحرڪ ۾ آڻي ٿو. شاعريءَ ۾ عڪس نگاريءَ جي فن جو تعلق گهڻو تڻو انساني حواسن سان ڇاڻايو ويو آهي. هڪ يا وڌيڪ حواسن جي وسيلي شاعر داخلي توڙي خارجي ماحول سان سلهاڙيل سوچن، جذبن ۽ احساسن جي جهڙوڪر لفظن جي سُبنڌ سان عڪس نگاري ڪندو آهي ۽ شاعر جي مشاهدي منجهان ڦُٽي نڪرندڙ اها سوچ جڏهن عڪس جو روپ ڌاريندي آهي ته پڙهندڙ يا ٻُڌندڙ به پنهنجي حواسن وسيلي انهيءَ تجربي يا مشاهدي ڪان شدت سان آگاهه ٿيندو آهي. شاعريءَ ۾ ڪنهن به شئي جي عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته اها حواسن مان ڪنهن به هڪ يا هڪ کان وڌيڪ يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي.[1]

اصطلاح عڪس يا عڪس نگاري جون ڪيترين ئي معنائون ۽ مطلب آهن. عڪس بندي يا تصوير ڪشي عام اصطلاح طور، ٻوليءَ جي استعمال سان شين، عملن، محسوسيات، سوچن، خيالن، ذهني حالتن يا ڪيفيتن ۽ حواسي يا شديد حواسي تجربن جي وضاحت ڪري ٿو. عڪس جو مطلب صرف ذهني يا دماغي (احساساتي) تصوير ڪيڻ لازمي نه آهي. دراصل اسان کي لفظي يا حقيقي (Literal)، ادراڪي يا شعوري (Perceptual) ۽ تصوراتي (Conceptual) عڪس نگاري ۾ فرق ڪرڻ گهرجي[2] ۽ انهن کي سمجهڻ جي جسارت ڪرڻ گهرجي. انگريزيءَ ۾ عڪس لاءِ Image ۽ عڪس بندي يا عڪس نگاري لاءِ Imagery لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا جن جون اصطلاحي معنائون ڪوڙ ٿي سگهن ٿيون. پر هت اسان جو موضوع سنڌي شاعريءَ ۾ عڪس نگاري آهي. اُن لاءِ سنڌيءَ ۾ عڪس جو مطلب تصوير ڪڍي سگهجي ٿو، جنهن لاءِ مٿيون نوعيتون ڇاڻايون ويون آهن.

عڪس جي نوعيتن جي سلسلي ۾ ايئن به بيان ڪري سگهجي ٿو ته شاعريءَ ۾ عڪسن جي نوعيت ٽن نمونن جي ٿي

سگهي ٿي. هڪ  لفظي يا حقيقي (Literal) جيڪا دراصل حقيقت ۾ نظر ايندڙ ، جسامت رکندڙ يا حقيقت ۾ وجود رکندڙ شين جي جيئن جو تيئن عڪس بندي متعلق هوندي آهي ۽ احساس ڇوريندي آهي. اُن ۾ ڪنهن به اصطلاحي يا استعاراتي سوچ جو پراءُ نه هوندو آهي.  ٻي نوعيت جو لاڳاپو  استعاراتي يا اصطلاحي (Perceptual) مفهوم جي احساس پيدا ڪرڻ واري عڪس بنديءَ سان هوندو آهي ۽ ٽينءَ جو تعلق  محسوس ڪرڻ واري حس، تصور يا محسوسيات (Conceptual) سان هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ ٽين نوعيت تجريديت  تي مبني عڪس نگاري پڻ چئي سگهجي ٿي. هن عڪس نگاري وسيلي  مافوق الفطرت ، آفاقي يا اڻ ڇٽي شئي بابت  سوچن جي عڪس نگاري وسيلي حواس جي سهڪار سان احساس اڀاريو وڃي ٿو. استاد بخاريءَ جي شعر جون  سٽون آهن:

”هٿ ۾ ڏاتو ڪڇ ۾ ڪارو،
لاباري تي ويندي ويندي،
لاهيندي وئي لابارو.“

مٿئين شعر ۾ پهرين ۽ ٻي سٽ ۾  لفظي يا حقيقي نوعيت سان تعلق رکندڙ  نظري ۽ چُرپُر وارا عڪس آهن. ”هٿ ۾ ڏاتو ڪڇ تي ڪارو“ ۽ ”لاباري تي ويندي ويندي“  لفظي يا حقيقي نوعيت ڪي ظاهر ڪندڙ عڪس آهن.  ٽين سٽ ۾ ادراڪي يا استعاراتي نوعيت جو احساساتي عڪس آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ ”لابارو لاهڻ“ جو استعاراتي يا ادراڪ ۾ اچي ويندڙ  اصطلاحي سوچ يا نوعيت جو عڪس وسيلي استعمال ٿيل آهي.  تصوراتي (Conceptual) نوعيت ۾ ڪنهن تصور جو يا وري ڪنهن الهامي راز يا تجريدي سوچ جو عڪس اُڪريل هوندو آهي. استاد بخاري هيٺ ڏنل شعرن  ۾ تصوراتي يا تجريدي  نوعيت جي  عڪس نگاري ذريعي احساسن ڪي نئين سر جاڳائيندي هڪ اڻ لکو تصوراتي نوعيت جو ڏنڌلا عڪس پڻ جوڙيا آهن.

آرنيپ آهي الک، جنهن جي لِک نه
لک،

لکين رکيل ڪَک، انهيءَ اونهي ارٿ
تي.

آرنڀ جي اهڃاڻ جي، سوکي ناهه
سڃاڻ،
سمجهي سگهجي ”سو“ نه ٿو، سهسين
سمجهڻ ساڻ.

اڃا ڄاڻ آڄاڻ، انهي اونهي اوک
۾،
ادراڪن ۾ عڪس کو، پرجهڻ ۾
پڙلاءُ.

اوسر وارا سوجهرا، اپريو اڳنان آءُ،
اسان آهه اهاءُ، اڃليو ڏنڌ ڏڪاءُ
تي.

مٿي ڏنل بيتن ۾ آرنڀ لفظ مُنڍ يا شروعات لاءِ ڪم آيل آهي ته ڪائنات ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿان شروع ٿي؟ يا ڪنهن ٿاهي؟ ٻئي پاسي وري الله جي وجود ۽ ان جي تصور جو بيان ڪندي تصور ۾ تصوير يا خاڪو ٺاهي ٿو. الک يعنى هيڪلو، اڪيلو، اڻ لکو يا نه محسوس ٿيندڙ رب جنهن سان شروعات ته ٿي پر اُن جي ليکي يا لَکائڻ بابت تجريديت يا راز جو اظهار ٿيل آهي ته پتو ناهي ۽ اُن پَتي نه هجڻ جو تصوراتي يا تجريدي عڪس، نظري عڪس ”لکين رکيل ڪَک“ جي سهاري جُڙيل آهي. ٻئي بيت ۾ انهيءَ جي باري ۾ ڄاڻ به آڄاڻ آ ۽ ڄاڻڻ لاءِ اوک ڊوک به نظر اچي ٿي جيڪا آفاقيت جو عڪس آهي. ٽئين بيت ۾ صرف ادراڪ ۾ ان جي پروڙڻ جي ”پڙلاءُ“ ۽ ”آهه جي اُهاءُ سان ڏنڌ ڏڪاءُ“ واري ٻُڏڻ واري عڪس جي مدد سان هجڻ نه هجڻ واري مونجهاري واري ڪيفيت جو بيان اسان تائين تصوراتي (Conceptual) نوعيت جي اڻ ڇٽي عڪس نگاري سان پهچائي ٿو.

عڪس نگاري دنيا جي ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ به ملي ٿي. جاپاني صنف هائيڪو ته عڪسي شاعري جي علامت

سمجهي ويندي آهي جيڪا سنڌي شاعريءَ جي صنف پڻ بڻجي وئي آهي. مغرب ۾ عڪسي شاعريءَ جي باقاعدي تحريڪ هلي ان تحريڪ پاران Imagist رسالو به شايع ٿيو.[3] اهي شاعر سڏيا ٿي عڪس نگار (Imagist) هئا. پهرين عالمي لڙائي کان ٿورو اڳ شاعرن جو اهو گروهه عڪس نگار طور مشهور هو جنهن ۾ ازرا پائونڊ، ايمي لوويل، ٽي. اِي هيوم، رچرڊ آرلنگٽن، ۽ هلڊا ڊو لٽل گهڻو مقبول هئا. کين يقين هو ته پڪو، صاف عڪس شاعريءَ لاءِ لازمي آهي.[4] انهيءَ سلسلي ۾ هنن لکيو ته عڪس پيش ڪرڻ جو مقصد اهو نه آهي ته اسين چترڪار آهيون.[5]

اڳ ذڪر ٿي چُڪو آهي ته عڪسن جا نمونا يا قسم انساني حواسن سان سلهاڙيل ڄاڻايا ويا آهن. ماٿهو جي حواسن جي لحاظ کان عڪسن جي جيڪا ورهاست ڪئي وئي آهي، اُن کي عڪسن جا قسم به چئي سگهجي ٿو. انساني حواسن جي حوالي سان عڪس نظري (Visual)، سنگهڻ جي حواس سان تعلق رکندڙ (Olfactory) ، آواز يا ٻُڌڻ جي حواس سان تعلق رکندڙ (Auditory)، ڇهڻ جي احساس وارو (Tactile) چکڻ يا ذائقي جي حواس (Gustatory)، محسوس ڪرڻ وارو يا تجريدي (Abstract) ۽ چُرپُر يا تحرڪ سان لاڳاپيل (Kinaesthetic) هوندا آهن.[6] ڪجهه ماهرن اهو به لکيو آهي ته هڪ عڪس ٿڌي گرم جي تاثر کي وري پيدا ڪرڻ وارو عڪس (Thermal) ٿيندو.7 منهنجي خيال موجب هن عڪس جو تعلق دراصل ڇهڻ واري عڪس سان ئي آهي. لساڻ، کهراڻ، گرم، سرد جي احساس جو تعلق ڇهڻ واري حواس سان ئي آهي. اڪثرحالتن ۾، عڪس پوري طرح ، مڪمل يا مجموعي طور هڪ يا ڪا الڳ شئي نه هوندو آهي، عڪس ٻين عڪسن جي اوٽ وٺن ٿا ۽ اندروني طرح گڏجن ٿا ۽ تنهنڪري اهي گڏيل به هوندا آهن. اهڙي طرح چرپر وارو عڪس نظري عڪس به لڳندو آهي.[8] هن ڳالهه کي هن ريت به بيان ڪري سگهجي ٿو ته اها شاعر جي فنڪارانه صلاحيت هوندي آهي جو شاعريءَ ۾ عڪس اهڙي ريت جوڙي ٿو جو بظاهر هڪ عڪس هوندو آهي پر ان عڪس ۾ جزوي طور ٻيو عڪس به موجود هوندو آهي. هڪ عڪس ۾ ٻيو عڪس به گڏيل هوندو آهي

جنهنڪري ان کي گڏيل عڪس چئي سگهجي ٿو. استاد بخاريءَ جي هيٺئين شعرن تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهه آسانيءَ سان معلوم ٿي ويندي.

”واهه ڪپر تي، نرم چپر
تي،
ٿالهين هيٺان ويهندو
آهيان.“
”ٿڻ چڪيندي، ڪير
ڏهندي،
وينگسون ڪيڏيون وٽن.“

پهرئين شعر ۾ بصري عڪس آهي ان ۾ ڪم آيل لفظ ”نرم“ ڇُهڻ واري (Tactile) عڪس جو احساس اُڀاري ٿو. ساڳي ريت با ڪمال شاعر بخاري جي ٻئي شعر ۾ بظاهر نظري عڪس (Visual) آهي پر لفظ ”چڪيندي“ ۽ ”ڏهندي“ چُرپُر واري (Kinaesthetic)) عڪس جو تاثر جاڳائن ٿا. ايئن گڏيل عڪسن جا مثال استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جَجهي مقدار ۾ سمايل آهن. ان ڪانسواءِ هڪ شعر ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ عڪسن جي استعمال واري فن سان به بخاريءَ جي شاعري نهايت شاهوڪار آهي. استاد بخاري لفظن ۾ ساهه وجهندڙ شاعر ته آهي ئي پر هيءُ قومي عوامي شاعر، شاعريءَ ۾ لفظن جي آڌار تي عڪس سموهي ماڻهوءَ جي احساسن ۽ جذبن ۾ ساهه وجهڻ جي هنر جي به بلندي کي ڇهيو آهي. استاد بخاري عڪس نگاريءَ جي مڙني قسمن کي شاعريءَ ۾ ڪم آندو آهي. سندس شاعريءَ عڪس نگاريءَ جو پنڊار آهي. استاد بخاري هڪ شعر ۾ گڏيل يا گهڻن عڪسن جو پڻ استعمال ڪيو آهي. هت سندس شاعريءَ ۾ عڪس نگاريءَ جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

نظري عڪس ((Visual:

هيءُ عڪس ڏسڻ واري حواس سان تعلق رکن ٿا جيڪي متحرڪ ۽ غير متحرڪ به ٿي سگهن ٿا. استاد بخاري پنهنجي شعرن ۾ نظر وارا يا بصري عڪس گهڻي تعداد ۾ شامل ڪيا

آهن ۾ ڏسڻ واري حواس سان شعر ۾ شامل ڪيفيتن جي شدت جو تاثر پيدا ڪري ٿو.

(1) تون جو منهنجي هنجهه ۾، تارا چنڊ ڪتي،
برهه آهي بتي، ساڻ سدائين سوجهرو.

(2) ”چڙهيو چاڙهو چوٽ، پڏي چيلهه ڇَمند.“

(3) ”اکين مٿان ٻُڪ، رکي جُڳ ڏسي ويس.“

(4) هڪڙي هٿ ۾ نير، ٻيو هٿ پڏل ڪير ۾،
پٽن پيٽ ڪُٽين پر، اندر آس اڪير،
تن تي تاٽيل تير، جن جو مهڙ ملير ڏي.

سُنگهڻ واري حواس جو عڪس (Olfactory) :

هن عڪس جي قسم ۾ سُنگهڻ جي حواس ذريعي سوچ جو عڪس جوڙيو ويندو آهي. ٻُوءِ جو تاثر عڪس جي نشاندهي ٿئي ٿي.

(1) هتان جي هٻڪار، پري ڪان پڌري گهٽي،
عطر چيٽ چٽي چڏي، مشڪ ونڈي وٽڪار،
ڳٽي جي خوشبوءِ ڪري، ڪڙهه تي ڪيڪار،
مِهرين ۾ مهڪار، ميندي پگهر تيل جي.

(2) باغ تنهنجو بدن، واس تنهنجي
وهي،
سربسر آهين هبڪار هڳاڻ تون.

(3) ڪلفٽن ڪنئار، هيرون ويرون
روشنيون،
ٻُچي ڪڪيءَ بانس ۾ هيڏي هي
هبڪار.

(4) هاريندو هبڪار، آيو سُرهو قافلو،
مهڪيو ڏين مبارڪون، واٽون ۽
وٽڪار،
عطر جا انبار، پينر ڪوڙ پنپور ۾.

(5) ميندي لاتي منڌ، پمپي هٿ پنپور
۾،
ساڳيا لال سڳنڌ، ونڊيا ٿي وٽڪار
۾.

ٻُڌڻ جي حواس سان تعلق رکندڙ عڪس **(Auditory):**

هن عڪس جو ٻُڌڻ واري حواس يا آواز سان واسطو هوندو آهي. آواز جي سنگم سان جذبن ۾ جنبش اجاگر ڪري ٿو ۽ ماڻهوءَ جي ڪيفيتن ۾ تحرڪ پيدا ڪري ٿو.

(1) موسيقي ماحول ۾، تنهنجي سانت
سنگيت،
گھُورون چيڙن گيت، مرڪون شرنايون
وڳيون.

(2) ”چٽڪن ٿا ڪنگڻ، ڦڙڪين تون
فنڪار ٿو.“

(3) سُرندا دوتارا، جهولن ڪنڌ سروز تي،
اڇن الا توهار تي، وهمي ويچارا،
جيئي گاجي شاهه چئي، گونجارن

نعرا،
مَتجهن موچارا، سوچن ۾ سڌرن پيا.
(4) ڪوئل جي ڪو ڪو،
پرڀايم پئي پاڙڪي-
چرڪايم ڏوڏو.

**چهڻ جي حواس واروعڪس (Tactile):**

هن عڪس ۾ ڇهاءُ يا ڇهڻ واري حواس جي مدد سان پڙهندڙ جي ذهن عڪس جي علامت جُڙندي آهي. هن ۾ نرمي، لساڻ، کهراڻ، گرمي، سردي، سوچ يا جسماني ڇهاءُ جو عڪس اُڪيريل هوندو آهي.

(1) ”چُميو چاهه چپن کي، پهر به گذريو
پل.“

(2) ”مشڪڻ موتي، چُم چُم چندن، سُر پُر
سرهو هار.“

(3) هٿ هٿ کان موڪلايو،
چپ چپ کان موڪلايو،
تو در تي الودا ڪئي،
نازڪ بدن جي نرمي،
ڳاڙهن ڳلن جي گرمي،
مون پيار جي غذا ڪئي.

(4) ”سونهن چڪڻ دي، سڪ چُهڻ دي
شڪتي هي.“

(5) رات اوندهه مينهن اوٺر هانو ڦاڙ
ڪڙ ڪڙ ۾،
پوءِ به چُمندو وڃ ڪرندڙ جو شباب
آهيان.

(6) ”تنهجا نياپا چمان چپن وانگي.“

(7) ڇُم ته ڇُمون چانڊوڪي، ڇو جو،
چانڊوڪي ڪو چٽڪو آهي.

(8) هن ڇُميون ڏيندي پڇيم ڊؤ ٿيئي؟
چيم،
مينهن ۾ مهراڻ جو ماپو نه ڪر.

چکڻ جي حواس وارو عڪس (Gustatory):

هن عڪس وسيلي شاعر ذائقي جو احساس اڀاريندو آهي. ذائقي ۾ ڪٽاڻ، ڇهراڻ، مٺاڻ، ڪؤڙاڻ وغيره اچي وڃن ٿا.

(1) ”ماکي مصري کان مٺا، تو وارا
ماٺا“

(2) مصري لڳي جي ڪُرڪي ڏين،
ماکي مٺي جي مرڪي ڏين،
وهه جي وٺي ڪرين نهڪر.

(3) ”چاهت سُرڪ چکي. چڻ ڪي باهه
ٻَکي.“

تجريدي (Abstract):

تجريدي عڪس ۾ اڻ ڇٽين شين يا تصورن جي عڪس بندي هوندي آهي. هيءُ محسوسيات جي عڪس نگاري هوندي آهي جيڪا ڇهين حس ئي آسانيءَ سان لکائي يا ڇُهي سگهي ٿي جنهن جو اظهار بخاري پاڻ به ڪري ٿو.

(1) اپ وٽي ڊيرو، لاڳيتو دل رين جو،
ڏاڍو آڏيرو. اونداهو ۽ سوجهرو.

(2) ڇهين ساڻ ڇهاءُ، پنجئي پورا ڪين
پيا،
جانب تنهنجي جوڙ تي، جلوا جوت
جڙاءُ،

اُهاڻُ ئي اهاڻُ، سُجهي سُجهندي
ريءَ نه ڪي.

(3) موتو قبل مينڌرو، موتو پڻ مومل،
جڳ جڳ جيئرا سي ڏنا، جيون جن
ڪي جل،
نانهن منجهان نرمل، آهن اُجرا آنهن
جا.

(4) ڪير ڪنپار آ، ڪير آ ڪوري،
جڳ ڪي چرخو يا چڪ سمجهو.

چُرپُر يا تحرڪ سان لاڳاپيل عڪس (Kinaesthetic):

هيءُ عڪس چُرپُر يا تحرڪ جي چترڪاري چئي سگهجي ٿي، جنهن سان شعر ۾ شيون تحرڪ ۾ آيل معلوم ٿينديون آهن. عڪس هلڻ، گهمڻ ڦرڻ، چُرڻ، لرزش، اڇلڻ، اُلارڻ، اُلرڻ، ڊوڙڻ، ڊڪڻ، اچڻ وڃڻ، نچڻ، پنڌ ڪرڻ وغيره جو احساس اُجاگر ڪري ٿو.

(1) ناز مُڪو نوتو، آيو گهرجين اوچتو،
پيار چيو پهتو، آيو هان آواز تي.

(2) رمبا رنبا رقص تي، ريهون ۾
رامپاٽ،
ڪوئي ڊوڙي ڪيترو.

(3) پير گرڻ ۾، ديد ڏيڻ ۾، واهون
ووڙيندو.
ايندو ويندو ڪو.

(4) ”گهاگهائيندو پيو گهمي، ويچارن
ويراڳ“

(5) چوطرف پونءِ جي چڪر ڪاٽي،
قرب ۾ ماهتاب قابو آ.

(6) هلو سنپالي سنپالي لتاڙجي نه
وڃو،
اڇي مڪار جي منهن ۾ چپاڙجي
نه وڃو.

(7) تکو گهوڙو ڏُکي ڪيڏو نظر هسوار
جي اڳتي،
زمانو تيز تنهن کا تيز تر پنهنجو قدم
هوندو.

ٿرمل عڪس ((Thermal:

مٿي ذڪر اچي چُڪو آهي ته ٿرمل عڪس جو لاڳاپو ڇهڻ واري حواس سان هوندو آهي. هن ۾ گرمي يا وري سرديءَ جي محسوسيات جو عڪس هوندو آهي. استاد بخاري هيءُ عڪس نگاريءَ وڏي پيماني تي استعمال ڪئي آهي. بخاري پنهنجي اڪثر شاعريءَ ۾ هن عڪس کي مختلف ڪيفتن کي اپارڻ لاءِ مختلف انداز ۾ ڪم آندو آهي. استاد هن عڪس جي ڪثير استعمال سان شعر ۾ مختلف ڪيفيتون ۽ احساس چٽيا آهن.

(1) ”سيارو سيرون سيءُ، تڙڪو طلبي
ٿنُ.“

(2) ”سيارو پارو جهڙ، سنهڙا سياندا
ساهه ۾.“

(3) گيتن کي گرمي ڏيان رڳ رڳ پاري
راڳ،
اهڙي تکي آڳ، سرديءَ کي ساڙي
رکي.

(4) گيتن کي گرمي ڏيان، بٹجن آهون
باهه،
ڪوسا ڪوسا ساهه، سرديءَ کي

ساڙي وجهن.

گهٽا يا گڏيل عڪس (Combine):

هن سلسلي ۾ به اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون ته جڏهن هڪ شعر ۾ هڪ عڪس سان گڏ ٻيا عڪس موجود هوندا آهن. هڪ شعر ۾ اهي ٻه يا ٻن کان وڌيڪ عڪس گڏيل هجن ته گڏيل يا گهٽا عڪس چئبا. اهي گڏيل عڪس الڳ الڳ شعرن جي نسبت سان بيان ڪرڻ بهتر ٿيندو.

ٿرمل۾ چر پر وارا ٻه گڏيل عڪس

(1) گيتن ڪي گرمي ڏيان، تيز تپائي
تند،
سردين سنڌ سٽي وڏا، ڏڪڻ،
ٽڙڪن ڏند،
ٻاري راهون رند، پانڌي پنڌ
پگهاريان.

ٿرمل ۾، سنگهڻ وارا ٻه گڏيل عڪس

(2) نمن جون چائون وڍيون، سرنهن
جي سرهاڻ،
داٽي پاٽي ڪاڻ، سرهڻ سونهن ڳيا
ڳيا.

ٿرمل، چُر پُر ۾ ٻُڌڻ وارا ٽي عڪس

(3) پاڇو ۾ ٽڙڪو، سامهون ساڻ ڪنيو
وتان،
پومي۾ جيڏو پروسو، اپ جيڏو
اڊڪو،
هوا ۾ ڦهڪو، صدا ۾ سوپون
وڄن.

چرپر ۾ ٻڌڻ وارا گڏيل عڪس

(4) موج سرندي ۾ دنبوري ساز تي،
ناچ جهمريون راڳ يڪتاري گهڙي

پکواز تي،
چنگ بوٽينڊا، پنن جون پُوپريون
سينڊون وڄن.

چهاءُ، ٻڏڻ ۾ چرپر وارا عڪس

(5) لڳين لڳ لڳا، نچيون رڳون نينهن جون،
دليون دهل وڳا، جوين پاتيون
جهومريون.

چُرپُر ۾ سنگهڻ وارا عڪس

(6) ”مون آندي لالاڻ، تو لاتي سُرهاڻ.“

چهاءُ، نظري ۾ چُرپُر وارا

(7) مان توکي اچي چهٽان،
شيطان لچي پيا چو؟ مهراڻ گهڙي
تڙڳان،
طوفان اٿي پيا چو؟

نظري، سنگهڻ ۾ چُرپُر وارا عڪس

(8) ڪلفٽن ڪنٺار، هيرون ويرون
روشنيون،
ٻُچي ڪکيءَ بانس ۾ هيڏي هي
هٻڪار،
مچرائج ماڻار، چولين جان چچڪي
مٺا.

ڏسڻ ۾ ٻڏڻ وارا

(9) لهرن وچ لئو، هينئر هو ته وجن
پيا،
ناڪا نال نئو، ڪوڪان روڪيو
بيڙيون.

نظري، چر پر ۾ ٻڏڻ وارا

(10) نڪتي پير ننگي، واڪيندي
وڏندي وڃي،
نانگن ڏنگي تيز ٿي، جهنگن ڪانه
ونگي،
ڏڪيا لڪ لنگهي، ڏوريندي ايڏانهن
وئي.

ٿرمل، چُرپُر ۽ نظري گڏيل عڪس

(11) ٽَيِي ڏُپ اگهڻ تي، ٿڌي نم جي
چانءُ،
پَون پُور لُڇيو پَوان، پُسيو پوي
هانءُ،
اڳيان ڪيڏان آنءُ، ابو امڙ چلم تي.

مٿي جيڪي شعر ڏنا ويا آهن سي شعر گڏيل عڪسن وارا آهن. اڪثر شعرن ۾ بظاهر هڪڙو عڪس محسوس ٿئي ٿو پر غور ڪرڻ سان انهن عڪسن ۾ هڪ کان وڌيڪ عڪس شامل يا انهن جي پس پرده معلوم ٿيندا. ڏنل شعرن ۾ پهرئين شعر ۾ لفظ ”گرمي“، ”سردي“ ٿرمل عڪس جي نشاندهي ڪن ٿا ته لفظ ”ڏڪڻ “ ۽ ”ٿڙڪڻ“ چُرپُر يا متحرڪ عڪس آهن. ٻئي شعر ۾ ”ڇائون“ ٿرمل، ته ”سرهاڻ“ ۽ ”سرهڻ“ سنگهڻ واري حس جي ذمري ۾ ايندڙ عڪس آهي. ٽئين شعر ۾ ”پاڇو“ ۽ ”ٿڙڪو“ ٿرمل، ”ڪنيو وتن“ چرپر ۽ ”ڦهڪو“ ، ”صدا“ ۽ ”وڄڻ“ ٻُڌڻ يا آواز وارن عڪسن سان تعلق ڏيکارين ٿا. چوٿين شعر ۾ ”موج“ ۽ ”جهمريون“ چرپر وارا ۽ شامل ٿيل سيئي ساز ٻُڌڻ يا آواز واري عڪس کي واضع ڪن ٿا. ساڳي ريت پنجين شعر ۾ ”لگين لگ لڳڻ“ ڇهاءُ وارو، ”نچڻ“ يا ”جهمريون“ چرپر وارا ته ”وڳا“ ٻُڌڻ يا آواز سان واسطو رکندڙ عڪس ٿاهن ٿا. ڇهين شعر ۾ ”آندي“ چرپر، ”سرهاڻ“ سنگهڻ جو عڪس جوڙين ٿا. ستين شعر ۾ ”ڇهڻان“ ڇهڻ، ”لُڇي“، ”اڇي“، ”گهڙي“ ۽ ”ٿڙڳان“ متحرڪ يا چرپر وارا ته ”ٿڙڳڻ“ سان گڏ سڄو شعر نظري عڪس جو مظهر آهي. اٺين شعر ۾ پهرين سٽ ۾ نظري ۽ ٻي سٽ ۾ سنگهڻ، ”ڇڇڪي“ لفظ ٻُڌڻ يا آواز وارو عڪس آهي. نائين شعر ۾ ”لِئو“ نظري

سان گڏوگڏ متحرڪ عڪس جو تاثر جوڙي ٿو ته ”ڪُوڪان“ ٻُڌڻ ياآواز وارو عڪس آهي. ڏهين شعر ۾ ”واڪيندي“ ٻُڌڻ جي حواس سان ”وڏندي“، ”تيز “ ۽ ”ڏوريندي“ چرپر وارو ۽ باقي سڄو شعر نظري عڪس جو اولڙو آهي. يارهين شعر ۾ ”تتي“، ”ڏُپ“، ”چانءُ“ ٿرمل، ”لچان“ ۽ ”ڪيڏان“ چرپر وارو ته ”ابو امڙ چلم تي“ نظر وارو عڪس آهي. انهيءَ سڄي شعر تي نظري عڪس حاوي نوعيت ۾ نڪتل آهي.

مون اڳ ۾ گذارش ڪئي آهي ته استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو سدا حيات شاعر ۽ سگهارو سرجڻهار آهي جنهن جي شاعري فن جي ٻين پهلوئن سان گڏ عڪس نگاريءَ جو پڻ ڀنڊار آهي. وٽس شاعريءَ جي ٻين فني لوازمات وانگر عڪس نگاريءَ جي فن تي به دسترس نظر اچي ٿي. سنڌس شاعريءَ مان عڪسي شاعريءَ جي چونڊ ڪجي ته انهيءَ شاعريءَ جو به هڪ الڳ ضخيم ڪتاب جُڙي سگهي ٿو. مون سنڌس شاعريءَ ۾ عڪس نگاريءَ جي صرف هڪ جهلڪ ڏيکاري آهي. انهيءَ جهلڪ ۾ به ڪجهه ڪوتون نظر اينديون. هڪ ڪوٺ اها پانيان ٿو ته انهن عڪسن ڪي شاعريءَ ۾ سموهڻ وقت استاد بخاري ڪهڙي مهارت ڪان ڪم ورتو آهي ۽ ٻي اها ته انهن عڪسن ۾ استاد بخاري ڪهڙين ڪيفيتن ڪي ڪهڙي ڪماليت سان چٽيو آهي. بهرحال سنڌس عڪسي شاعري پنهنجي جوهر ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جو باڪمال ۽ املهه خزانو آهي. جنهن ۾ جذبن ۽ ڪيفيتن ڪي استاد بخاري وڏي فنڪارانه صلاحيت ۽ نوع ۾ عڪس بند ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي مضمون ۾ سنڌس اُن ڪماليت ڪي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي.

حوالا:

1. تنوير عباسي، شاهه لطيف جي شاعري، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سال1989ع، ص. 86
2. جي.اي (J.A) ڪڊن، ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري ٿيٽوري، پينگئن، ٿرڊ ايڊيشن، سال 1991ع ص. 43_442
3. تنوير عباسي، شاهه لطيف جي شاعري، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سال1989ع، ص.89
4. جي.اي (J.A) ڪڊن، ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري ٿيٽوري، پينگئن،

ٽرڊ ايڊيشن، سال 1991ع ص.444
5. (5)تنوير عباسي، شاھ لطيف جي شاعري، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سال1989ع،   ص.89
6. جي.اي  (J.A) ڪڊن، ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري ٿيوري، پينگئن، ٽرڊ ايڊيشن، سال 1991ع) ص.443
7. تنوير عباسي، شاھ لطيف جي شاعري، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، سال1989ع،   ص.87
8. جي.اي  (J.A) ڪڊن، ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس اينڊ لٽرري ٿيوري، پينگئن، ٽرڊ ايڊيشن، سال 1991ع،  ص.444
9. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جا  ڇپيل ڪتاب.